# ٻارن لاءِ بائبل
## تحفو

# هاري ۽ ٻج



لکيل ٻاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: M. Maillot; Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: E. Frischbutter; Sarah S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ڇاپيل ٻاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين توهان ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



هڪ ڏينهن يسوع ڍنڍ جي ڪناري تي تعليم ڏني. هن کي ٻڌڻ لاءِ ڪيترائي ماڻهو گڏ ٿيا.



ميڙ تمام وڏو ٿي ويو. يسوع ڇا ڪندو؟


ويجهو هڪڙي ٻيڙيءَ کي ڏسي
يسوع انهيءَ ٻيڙيءَ تي چڙهيو. هاڻي
هو ماڻهن کي ڏسي سگهيو ٿي ۽ اهي
ڪيس ڏسي ۽ ٻڌي سگهن ٿا.
3


يسوع مثال ٻڌائڻ شروع ڪيو - عام
شين بابت ڳالهيون، جيڪي ماڻهن
کي خُدا بابت سکارنديون هُئيون.
4


"هڪ هاري پنهنجي زمين تي ٻج پکيڙيو."
يسوع جي ڪهاڻي ڊرائنگ جي بدران لفظن
سان هڪ تصوير وانگر هئي.
5


ماڻهو هاريءَ کي ڪم ڪندڙ تصوير ڏئي سگهن
ٿا - انهن اهو ڪيترائي ڀيرا ڏٺو هو.
6


ڪي ٻج گس جي ڪناري تي
ڪريا ۽ پکين جو ميهڙ ڪنين جي
گوڙ سان جهٽ پٽ زمين تان اُهي چُڳي ويا.
7


ڪجھ ٻج پوک جي پٿريلي حصن تي لهي ويا.
اُهي تيزيءَ سان ٻوٽا ٻوٽا ڦٽجي ويا. گرم سج جلد
ئي انهن کي سڪائي ويو ڇاڪاڻ ته اهي اونهي
مٽي ۾ جڙي نه سگهيا.
8


ڪُجهه ٻج ڪنڊين
جي وچ ۾ وڌيو .انهن
۾ اناج پيدا نه ٿيو. ٻوٽن
جي چوڌاري ڪنڊين
جو هجوم، ضروري
سج ۽ مينهن کي انهي
تائين پهچن کان
روڪيو.
9
باقي ٻج سٺي زمين تي ڪري پيو. جيئن
جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن ٻوٽا صحتمند
ٻوٽا ٻڻجي ويا جن ۾ ڪافي نون اناج پيدا ٿي ويو.
هاري ضرور ڏاڍو خوش ٿيو هوندو.
10
ڪهاڻي جي آخر ۾، شاگرد يسوع وٽ آيا. "تون مثالن
۾ چو ٿو سيکارين؟" هنن پڇيو.
11
يسوع چيو ته مثال ماڻهن کي خُدا جي باري ۾ سمجهڻ ۾
مدد ڪن ٿا جيڪڏهن اهي واقعي هن سان پيار ڪن ٿا. جيڪي
ماڻهو خُدا سان پيار نٿا ڪن اهي مثال سمجهي
نٿا سگهن.
12
يسوع مثال جووضاحت بيان ڪيو. هن
چيو ته ٻج خُدا جو ڪلام آهي. رستي تي ڪرڻ
وارو ٻج ائين آهي جيئن ڪو ماڻهوخُدا جي ڪلام کي
ٻڌي پر خُدا جي
ڪلام کي نه سمجهي.
شيطان انهن کي
وساري ٿو
جيڪو خُدا
چيو آهي.
13
ڪجهه ماڻهو جلدي خُدا جي ڪلام کي حاصل
ڪن ٿا. اهي پٿريلي زمين تي ٻج وانگر آهن. پر
جيئن ئي ڪو انهن تي ٿٺوليون ڪري ٿو يا انهن کي ڪو
مشڪل ٻڻائي ٿو چاڪاڻ ته اهي خُدا
سان پيار ڪن ٿا، ته هڪڙو
افسوسناڪ واقعو ٿئي ٿو.
14

اهي ئي ماڻهو جيڪي خوشيءَ سان يسوع جي پٺيان
هلڻ لڳا، تنن وري منهن موڙي ڇڏيو ۽ خُدا جي ڪلام جي
فرمانبرداري ڪرڻ ڇڏي ڏني. اُهي خُدا جي پيروي
ڪرڻ جي قيمت ادا ڪرڻ نٿا چاهين. ڪيڏي نه
افسوس جي ڳالهه آهي ته هو خُدا جي بجاءِ دوستن
کي راضي ڪرڻ چاهين ٿا.



15

مثال ۾ ڪندا دنيا جي
پريشانين ۽ پئسي جي
محبت ڏاهن اشارو آهن
جيڪي ڪجهه ماڻهن جي
زندگين ۾ وڏي اهميت
رکيندا آهن. اهي وڏيڪ پئسا
۽ ٻيون شيون حاصل ڪرڻ
جي ڪوشش ۾ ايترو
مصروف آهن ته اهي
خُدا کي پنهنجي زندگي
مان ڪيدي ڇڏيندا آهن.



16

پر اُهو ٻج جيڪو سُٺي زمين تي ڪري ۽ سٺو
فصل ڏنو، اُهو خُدا جو ڪلام آهي جيڪو دلين ۾ داخل
ٿئي ٿو ۽ ماڻهن جي زندگين کي تبديل ڪري ٿو.
اهي ماڻهو خُدا جي خدمت ۽ عزت ڪن ٿا.



17

ميڙ ڇڏڻ نه پئي چاهيو. ڪيترائي ماڻهو خُدا جي پيروي ڪرڻ
۽ ڪيس راضي ڪرڻ چاهيندا هئا. يسوع جي مثالن انهن کي
سمجهڻ ۾ مدد ڪئي ته خُدا جي فرمانبرداري ڪيئن ڪجي.



18

هاري ۽ ٻج

خُدا ڪان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

متي 13

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

19




43

60

20

هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته کيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽ گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٹ ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۀ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽ منهنجي گناهن لاء مري ويوۀ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.